تخليق
پبليڪيشنس

# آخري ڪتاب

تخليق پبليڪيشنس جو چوٿون ڪتاب

# آخري ڪتاب

## ڪهاڻيون، شعر ۽ مضمون

سهيڙيندڙ

طارق اشرف



قيمت ۰۰-۱۲ رپيا

TAKHLEEK Publications
F/45-750, WEST KUTCHA
HYDERABAD,SIND

تخليق پبليڪيشنس
الهندو ڪچو، حيدرآباد، سنڌ

| | | |
|---|---|---|
| | سرفراز راڄڙ، ادل سومرو، ج-ع-منگهاڻي، منير گهانگهرو، نذير ناز، ماڻيڪو اوڏو، ستار، خديجه سمون، رزاق، اطهر قريشي۔ | |
| هڪڙو شاعر تعارف، نظم | ولي رام ولڀ | ١٨٦ |
| مضمون ميرو لانگهو | طارق اشرف | ١٩٢ |
| اسين اوچون لوهه ۾ (جيل جي ڊائري) | رشيد ڀٽي | ٢٠٢ |
| داستان يا قصو | فيروز احمد ميمڻ | ٢٣٥ |
| ۾ ڪتاب | ذوالفقار راشدي، قاضي خادم | ٢۴٣ |
| آدبي خط | ذوالفقار راشدي، ممتاز مهر، منير گهانگهرو، احمد علي شر، واجد، غلام علي مخمور | ٢٦٣ |


---


ڇپائيندڙ: طارق اشرف، واسطي تخليق پبليڪيشنس حيدرآباد سنڌ

ڇپيندڙ: سهڻي پرنٽرز، الهندو ڪڇو، حيدرآباد، سنڌ

ڇپجڻ جو مهينو: جنوري (١٩٧٩ع)

ڇاپو: پهريون

تعداد: ۾ هزار



(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

اڄ، اٽڪل ٽيهارو سال اڳ ايترا سالن ڪتابي سلسلو، پبليڪيشنس ۽ مخزن ڪڍي، بند ڪرڻ تي مون شڪست نہ کاڌي آهي. اها شڪست هڪ مرده قوم جي آهي.

جيئن تہ هيءُ آخري ڪتاب آهي، تنهنڪري ڪوشش اها ڪئي اٿم تہ گهڻي ۾ گهڻو ۽ سٺي ۾ سٺو مواد پڙهندڙن کي ڏيان، تنهنڪري صفحن جو قيد نہ رکيم، ۽ انڪري قيمت بہ وڌي وئي آهي. ڏسڻو اهو آهي تہ پڙهندڙ انهيءَ ڳالهہ جو قدر ڪن ٿا يا هيءُ ڪتاب بہ بي قدريءَ جو نشانو بڻبو. جيڪڏهن هن ڪتاب جي موت سٺي ٿي تہ مختلف ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين جا مجموعا، ناول ۽ ٻيا ڪتاب البت نڪرندا رهندا.

افسوس اٿم تہ ناليءَ ڇپجڻ جي باوجود عبدالجبار جوڻيجو جو 'رات منهنجي روح ۾' ڪتاب تي مضمون نہ ڇپجي سگهيو آهي، تنهن لاءِ معذرت ٿو گهران.

— طارق اشرف

# کهاڻيون


| | |
|---|---|
| آرٽ گئلريءَ ۾ هڪ شام | گوپال ٺڪر |
| ريڪا دور ڏيڏلڪي ۾ | بيدل مسرور |
| هستيءَ جو گم ٿيل ٽڪرو | مشتاق احمد شورو |
| ڪڪو پلو، چام تماچي ۽ آلرجي | غلام نبي مغل |
| اڏوهيءَ جيئڻ ڏڪڙا | مدد علي سنڌي |
| ڊينجر مين | مهتاب محبوب |
| ڳالهه هڪ ڇٽ زال جي | عبدالجبار جوڻيجو |
| آلو | شيام جيسنگهاڻي |
| زندگيءَ جو هڪ ڪپيل ٽڪرو | ولي رام ولڀ |
| ضدي خاندان جو فرد | طارق اشرف |
| آرزو ۽ سپنا | محمود مغل |
| مان گدوبندر جو پڳل | عنايت هيسباڻي |
| رول پڪي | |


**وارب ڪيس پيلمراشين**


غلام نبي مغل


**سفرليونسن**


| | |
|---|---|
| سي سندر ڏينهن | الطاف شيخ |

سنڌي زبان جي مقبول ترين، بيباڪ

۽

عوام جي ترجمان اخبار

# عبرت

حيدرآباد سنڌ

سنڌ جي هر هڪ ماڻهوءَ جي پنهنجي اخبار

رفيق سندس جملي جي مفهوم ۽ خاص طور ڇاڇا ڪندا هونداسين تي غور ڪرڻ لڳو.
'جي اڻين هجي به ته پلا ڪهڙو حرج آهي.' ٻنهي جي من ۾ هڪ ئي وقت اهو خيال ايري آيو.
"مان دورت آهيان رفيق، هي مرد، ڪريل ذهنيت وارا مرد منهنجو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيندا."
"مرد ته مان به آهيان."
"توکي انهن مردن منجهان نٿي سمجهان. جيڪي جنسي بک ۾ ڦاٿل آهن."
"هر اهو انسان جيڪو ان ڪٿي تو، جنسي خواهش رکي ٿو."
جميلا سمجهيو ته رفيق سندس من جي ماءِ پروڙي ويو هو، هوءَ سندس پرسان اچي ويٺي.
"خواهش ۽ خواهش جي بک جي شدت ۾ توکي ڪو فرق نظر اچي ٿو؟"
"ها."
"ڪهڙو؟"
"خواهشون، محرومين منجهان ئي پيدا ٿينديون آهن ۽ پوءِ جڏهن ڪي محروميون انسان کي هر وقت ستائڻ لڳن، ۽ پوءِ جڏهن شدت اختيار ڪن."
"توکي ڪهڙي محرومي آهي؟" جميلا ٻانهن ورائي سندس ڳچيءَ ۾ وڌي.
"اها شايد ڪڏهن به پوري نه ٿي." دک ۽ پيڙا وچان چيائين.
"ڇو؟"
"بس ـ انجي نوعيت ئي ڪجهه اهڙي آهي."
"مونکي نه ٻڌائيندين." رفيق جي منهن کي پاڻ ڏانهن ڪندي چيائين.
"تون پوري ڪري سگهين ٿي." سانديل نا اميدي ظاهر ٿيڻ لڳي.
"ڇو نه." ضرورت ڳالهائڻ لڳي.
"تو مونکي ميٺي ڪيئن ڏني؟"

”اها ته مان وري به ڏئي سگهان ٿي.“ جميلا سندس چپن کي چمي ورتو.
”پر موت ۾ مان ته توکي پاڪر ۾ پيري ميڻي نٿو ڏيئي سگهان.“ گهٽتائي جي احساس ڪان سندس من پرجي آيو.
”ڇو نٿو ڏئي سگهين!“ هن ڪيس ڏنو ۽ وري چيو، ”اچي وٺ.“ ائين چئي هن ڪيس پنهنجو منهن ويجهو ڪري ڏنس. رفيق پڌ تر جي ڪيفيت سان گڏ شرمائيندي نيٺ جميلا جي ڳٽي تي پنهنجا چپ رکيا ۽ پوءِ — پاڪر ۾ پيري هو ڪيس مسلسل چمندو رهيو.

---


نيو فيلڊس پبليڪيشنس
جو شايع ٿيل شاندار ڪتاب

# بهترين ڪهاڻيڪارن
## جون
# بهترين ڪهاڻيون

آغا سليم، نسيم احمد کرل، اياز قادري، نجم عباسي، آمر جليل، غلام نبي مغل، شوڪت شورو، مهتاب محبوب، مدد علي سنڌي، تنوير عباسي، نذير قاضي، حليم بروهي ۽ قمر شهباز.

١٤ بهترين ڪهاڻيڪار - ١٤ بهترين ڪهاڻيون
وڪري لاءِ تمام ٿوريون ڪاپيون بچيل آهن
ڪتاب گهرائڻ لاءِ جلد پنهنجا آرڊر موڪليو

صفحا: ٢٠٠
قيمت: ٨-٠٠
اوچي ڪاپي ١٢-٠٠

گهرائڻ لاءِ:
سهڻي پبليڪيشنس
الهندو ڪچو، حيدرآباد، سنڌ

مجموعي ڪشش جا لک ٿورا مڃيم. سوچيم صاب راي وڃين ها،
نه ته پرديسين جي مقام ۾ رڌاڻو ٿين ها.
زال ڏنو ته چيائين، ”پڪ ڪک توهانکي پڇايو آهي.“
مون ها ڪئي. ’ها ڪرڻ‘، هڪ چڱي مڙس ٿيڻ جي نسخي ۾
سڀ کان پهرئين باب ۾ لکيل آهي – پر جي پائڻن ته چام تماچي
ٿيان .... ته پوءِ ڪراچي وڃڻ دل جي ڪتاب ۾ لکيل ناهي.

---


طارق اشرف جي جيل جي ڊائري

## جيل ۾ ۲۲ مهينا

- بلوچستان جي بهادر ليڊر شير محمد مري، بي . او . ايس جي اڳواڻ رازق بگٽي، اين . ڊي . پي جي اڳواڻن شاه محمد شاه ۽ قمر راڄپر سان گڏو گڏ ڪيترن ئي ٻين سياسي ۽ عام ڏوهارين سان ملاقاتون.
- جيڪي جيلن ۾ آهن انهن لاءِ اثرائتو ڪتاب
- جيڪي جيلن ۾ ويندا انهن لاءِ ڪارائتو ڪتاب
- جيڪي جيلن ۾ نه ويندا انهن لاءِ دلچسپ ڪتاب
- جيل جي ڪوٽ ۾ ڇاٿو وهي واپري. پنهنجي انداز جو نرالو ڪتاب.

صفحا : ۲۰۰
قيمت: ۸ــ۰۰
اوچي ڪاپي ۱۲ــ۰۰

گهرائڻ لاءِ لکو:
سهڻي پبليڪيشنس
الهند و ڪڇو، حيدرآباد، سنڌ

ڪو ٻيو به آواز هجي. ”پر ڪهڙو آواز؟“ — هن هڪ هٿ سان، ڊائيننگ ٽيبل تي هلڪي ٺڪ ٺڪ ڪئي. گهري خاموشيءَ ۾ ٺڪ ٺڪ جو عجيب آواز، هن بي انتها خاموشيءَ ۾، گهڙيال جي ٽِڪ ٽِڪ سان گڏجي، اهو آواز به سُڪون ڏيڻ لڳو. ڪجهه دير تائين هوءَ انهن آڱرين سان ڪا سمجهه ۾ نه ايندڙ ڌُن وڄائيندي رهي، خالي خالي ذهن سان! خالي ذهن؟ (ڪاش! اسانجا ذهن سدائين خالي هجن. بلڪل هن ڊائيننگ ٽيبل جي ڪاري ۽ صاف سطح وانگر بيحد صاف. جنهن تي ڪو نشان پوندو آهي، ته آهو هڪ منٽ ۾ ڪپڙي سان صاف ٿي ويندو آهي. اسانجا ذهن به ائين هجن. اسين جڏهن چاهيون، پنهنجي مرضيءَ سان انهيءَ ذهن جي اسڪرين تي، ڪي يادون ناهيون، ۽ ڪي يادون ڊاهي ڇڏيون. ڪاش! هيءَ ذهن جو اسڪرين اسانجي ڪنٽرول ۾ هجي. پر هي ذهن جو اسڪرين ته فقط ائبسٽرئڪٽ (Abstract) آهي. سنمبالڪ آهي. سمجهه ۾ نه ايندڙ، مونجهارا پيدا ڪندڙ. جديد دور جي جديد انسان جو ائبسٽرئڪٽ ذهن. جنهن ۾ سواءِ ذهني پريشاني، روحاني ناآسودگي، دکن، جذباتي ۽ غير جذباتي خواهشن جي، ٻيو ڪجهه به ڪونهي.)

’پر هيءَ ذليل نوڪرياڻي ڪيڏانهن وڃي مري ويئي؟‘ هن سامهون وال ڪلاڪ ۾ نهاريو. رات جا ساڍا ٻارهن. ’ساڍا ٻارهن؟ ٻارهن جو ٽڪاءُ مون ڇو ڪونه ٻڌو؟ ڇگي دير ٿي ويئي آهي!‘ اوچتو ڪيس پنهنجي مڙس جو خيال آيو. جيڪو هميشه شايد ڪٿي نشي ۾ گم، رمي کيڏندو هوندو. يا....؟ ’پر مونکي انهيءَ سان ڇا؟مونکي سندس انتظار ڪونهي.‘

قدمن جي چاپ جو آواز ٿيو. هن ڪنڌ ورائي پويان ڏٺو. قمر، ماني ترائيءَ ۾ کڻي پئي آئي. هن قمر ڏانهن ڏٺو. ڪيس هن تي بيحد رحم اچڻ لڳو. ’مون هِن ويچاري غريب کي سويل دڙڪو ڇو ڏنو؟‘ هن قمر ڏانهن نهاريندي سوچيو. جيڪا ڪنڌ هيٺ ڪيو، ميز تي چانورن جو ڊِش رکي رهي هئي— (اسين پنهنجي نفرتن جو اظهار ڪڏهن پاڻ کان گهٽ ماڻهن تي ڇو ڪندا

هُن مان رهي مونکي ايڏي ذهني اذيت ڏني آهي، جنهنجو عذاب مان اڃا به روح اندر محسوس پئي ڪريان.... گيندي سچ ٿي چيو.... هو لاشڪ ته ٻينجر مين آهي. اول ٻينجر، آخر ٻينجر، ٻينجر ٻينجر ٻينجر مين!؟

---


## نيو فيلڊس پبليڪيشنس
جو شايع ٿيل ڪتاب

### طارق اشرف
جون اڻ ڇپيل ڪهاڻيون

- زندگيءَ جو تنها مسافر
- منهن ڪارو
- ڪجهه گهڙيون

۽ انهن کان علاوه زندگيءَ جي هر پهلو ۽ تلخ حقيقتن تي لکيل آٺ ٻيون ڪهاڻيون

هڪ شاندار ڪتاب

# زندگيءَ جو تنها مسافر

صفحا ٢٠٠

قيمت: ٨-٠٠ سادي ڪاپي

١٥-٠٠ اوچي ڪاپي

گهرائڻ لاءِ:

**سهڻي پبليڪيشنس**

الهندو ڪچو، حيدرآباد سنڌ

هٿ ڏنڊي ۾، پاڻ بيچين آهي.
چانهن جو ذائقو زبان تي ئي ڪونهي. ڇو-؟ ڇو- هو سوچي ٿو ۽ هڪ ساهه ڇڏيندي لوڏيءَ ۾ سندس گردن ٿوري هيٺ جهڪي ٿي، ڏسي ٿو سندس قميص جو کيسو آلو آهي، نه فقط کيسو، بلڪ انجي آس پاس واري ايراضي به آلي آهي. آلاڻ اچان سندس قميص طرف سِمي رهي آهي. ميٽوڙي، کير مليل آلاڻ.
عجب بعد کيس ڪُلِ ٿي اچي. کيس چانهه جي گرمائش جي خبر ئي ڪونه پيئي، گهڙيال جو سيڪنڊ ڪانٽو.... اکين ۾ سرمو. ڊوڙي گاڏي پڪڙڻ، اوهه- پاڻ پاڻکي ئي چوي ٿو: واقعي مان سچ پچ اُلو آهيان.

---


# سهڻي پرنٽرز (پريس) حيدرآباد

## سهڻي پبليڪيشنس
## تخليق پبليڪيشنس
## نيو فيلڊس پبليڪيشنس

جا سمورا ڪتاب سهڻي پرنٽرز ڇپيا آهن.
ڪتابي ڪم (سنڌي، انگريزي توڙي اردو)، بل بڪ، ڪيش ميمو، ملاقاتي ڪارڊ، شادي ۽ دعوتي ڪارڊ، عيد ڪارڊ، ليٽر پيڊ، مخزنن ۽ ڪتابن جا ٽائيٽل اسانکان ڇپرايو

## سهڻي پرنٽرز

الهندو ڪڇو، (ويسٽ ڪچا پوسٽ آفيس جي پٺيان) حيدرآباد سنڌ

سون پاڻ وٽ رکي. پر شايد هنکي آها رپورٽ ڦاڙڻ وسري ويئي.... تنهنجي Semen ۾ ڪا به خرابي ڪانهي."
ڪافي دير ناگوار خاموشي طاري رهي، پوءِ عرفان چيو، "منظور، مونکي افسوس آهي اِهو سڀ ڪجهه...." هن ڳالهه اڌ ۾ ئي ڇڏي ڏني.

---


# فرينڊس

پبليڪيشنس جو پهريون
شايع ٿيل ڪتاب

## ١- تنهنجيون منهنجيون ڳالهيون

ليکڪ: امر جليل

مرتب: محمد نواز ناريجو

قيمت: ٠٠-٦ رپيا، صفحا: ١٤٨

ٻيو شايع ٿيندڙ بهترين ڪتاب

## ٢- اکين ۾ ڏنگبل سپنا

اڻچيل ۽ چيل ڪهاڻيون

ليکڪ: شوڪت حسين شورو

مرتب: محمد نواز ناريجو

گهرائڻ جو پتو: فرينڊس پبليڪيشنس
سنڌ يونيورسٽي ۽ مهراڻ يونيورسٽي
روم -٨٣ اقبال هاسٽل
ڄامشورو، سنڌ

## آف دي رڪارب

▲ حليم بروهي پنهنجي زال (ليڪچرار) کي موٽر سائيڪل تي ڪاليج ڇڏڻ تي ويو. اجا موٽر سائيڪل اسٽارٽ ڪيائين ته هڪ دوست اچي ويو، ڪجهه دير انهيءَ سان ڳالهائي، کائنس موڪلايائين. ڪاليج جي در تي پهچي موٽر سائيڪل روڪي زال کي لهڻ لاءِ چيائين، پر مڙي ڏٺائين ته زال پويان هئي ڪانه. ڏاڍو حيران ۽ پريشان ٿيو، ڪيس خيال ٿيو ته متان ڪٿي رستي ۾ ته نه ڪري پئي، ائين به رستي تي ڪٿا گهٽا هڻا. وري ساڳئي رستي تان ڏسندو گهر پهتو، گهر اچي ڏٺائين ته زال گهر ۾ موجود هئي. حيران ٿي پڇيائين: "تون هتي ڪئين پهچي وئين!؟" زالس ڪاوڙ ۾ چيو: "مان اجا ويٺي ئي ڪانه هيس جو تون موٽر سائيڪل اسٽارٽ ڪري هليو وئين. گهڻا ئي سڏ ڪيم، پر تو ٻڌوئي ڪونه."

▲ تنوير عباسي ٻڌايو ته: سکر جي 'بازار حسن' جي اڏجڳهن جو مالڪ رشيد پٽي آهي. بازار حسن جي هڪ حسينه ڪافي وقت کان مسواڙ نٿي ڏني. هڪ دفعي رشيد پٽي ڪاوڙجي پاڻ مسواڙ گهرڻ ويس. جڏهن رشيد پٽي کائنس مسواڙ گهري ته هُن دلفريب مسڪراهٽ سان چيو: "پئسا ته مون وٽ ڪونهن، باقي ٻيو ڪجهه گهرجئي ته حاضر آهيان."

# شعر

غزل تنوير عباسي
غزل اياز قادري
نظم امداد حسيني
غزل ذوالفقار راشدي
غزل استاد بخاري
نظم نورالهديٰ شاهه
غزل تاج جويو
نظم زيب ڀٽي
نظم اطهر منگي
نظم ملڪ نديم
نظم واجد
نظم نصير مرزا
ترائيل راهي چنا
تيڙو اياز گل
تيڙو نور گهلو
نظم مختيار ملڪ
نظم سرفراز راڄڙ
نظم ادل سومرو
غزل ج-ع-منگهاڻي
نظم منير گهانگهرو
غزل نذير ناز
غزل مانيڪو اوٺو
ترائيل ستار
تيڙو خديجه سمون
نظم رزاق

هڪڙو شاعر
ولي رام ولڀ

# تنوير عباسي

مان ٿي آهيان پنهنجو جاني
سبحاني * ما اعظم شاني
ٻن چيزن ري سڀ ڪجهه فاني
منهنجو عشق ۽ تنهنجي جواني
پيار ٿي آهي ڳٽ ڳچيءَ جو
پيار ٿي آهي ڳچيءَ جي ڳاني
سڀ ڪجهه رهندو، ڪجهه به نه رهندو
سڀ ڪجهه باقي سڀ ڪجهه فاني.
نانهه ۾ ڳولي پنهنجي هستي
دل ديواني دل ديواني
اکين منجهه ڦٽا ڪانڊيرا
دل جي واٽن تي ويراني
پيار اڳيان هي بي معنيٰ ٿيا
ڇا دانائي ڇا ناداني

* بايزيد بسطاميءَ جو نعرو "مان سبحان آهيان، منهنجو شان وڏو آهي"

## غزل

## اياز قادري

تو تان سر جي نثار ٿي ويندو،
هلڪو ڪيڏو نہ بار ٿي ويندو.
تنهنجي ڪاوڙ سان آ خزان ٿي خزان،
تون جي مرڪين بهار ٿي ويندو.
تو وٽين پيو پتو تہ ڪيئن سائين،
جسم ڪان ساه ڌار ٿي ويندو.
هائي تقدير هي بہ ڏسڻو هو،
توکي مون کان عار بہ ٿي ويندو.
آس ان تي ٿي زندگي گذري،
توکي ڪڏهين تہ پيار ٿي ويندو.
هي جو اکين ۾ آه لڙڪ رکيل،
جي ڪريو آبشار ٿي ويندو.
جنهن ۾ هوندي بيان تنهنجي ثنا،
شعر سو شاهڪار ٿي ويندو.
دل ۾ پنهنجي نہ جاء ڏي غم کي،
هڪ ڪٽي مان خرار ٿي ويندو.
هي حياتي جو ڪاروان پر شور،
ويندي ويندي غبار ٿي ويندو.
پنهنجو پنهنجو ٿي رهڻو آهہ 'اياز'،
ڌار ٿيو آخر تہ ڌار ٿي ويندو.

# رت جو ريج (نسيم جي خون تي)

## امداد حسيني

ميٺيءَ رت جو ريج ڳھريو ھو
جھڪيءَ اڇڻ تي جيءَ جھريو ھو
ڏرتيءَ مون کان دانُ مڱيو ھو
مُنھنُ ڏڙ جو مانُ مڱيو ھو
۽ مون وٽ ڪو انڪار نہ ھو
۽ مون وٽ ڪو انڪار نہ ھو

لالٽون لال لھوءَ ۾ وھنتل
ڪنڊ ڪُلھن تي ايئن ھو رکيل
جيئن طاق تي ڏيئو ٻري ڪو
ڏانديءَ ٽنل گُلاب ٻري ڪو

يا رُت ڪي مون سان پيار نہ ھو؟
ھا رُت ڪي مون سان پيار نہ ھو!

آءَ اڪيٺي گھايل ھوس
مٿل ڪُنل جو کھڙو ھوس؟!
ڪٿا پيا ھا سھٺا خوابَ
ٽٽا پيا ھا سپ گُلابَ

جندڙي ميندي جو ڏار نہ ھو!
يا اونھو ڪو اسرار نہ ھو؟

پر او قاتل، تون چاٺين تو!
آرسيءَ منجھہ پاڻ سجاٺين تو؟
ٻولي لولي لوءَ الوءَ
جُوءِ تہ آھي جھڙي جوءِ

ڇا توکي ڪنھن سان پيار نہ ھو؟
ڇا توکي زال ۽ ٻار نہ ھو!

## غزل

# ذوالفقار راشدي

ساھه ڪنهن لئه به اڄ لُڇجهي (١) ٿي نٿو،
قلب نئين سِر ڪِنجهي، مُنجهي ٿي نٿو.

سوچ-واهڻ ۾ گوڙُ مُنهن، ماٺهو،
مونکي پنهنجو ته ڪو سُجهي ٿي نٿو.

هاڻ ڪو آهي ڳوڙهو پٿر جو،
ماس آهي ته ڇو سُجي ٿي نٿو!

واندڪائي آ ماءُ وهمن جي،
روح ڪنهن ڪار ۾ رُجهي (٢) ٿي نٿو.

گُلُ گهرانٿو ته اهڙي ڪياريءَ کان،
جنهن جي دامن ۾ ڪجهه هجي ٿي نٿو.

ڏور دانهيانٿو ڇو خلائن ۾،
همت پڙاڏو به ڪو ٻُجهي (٣) ٿي نٿو.

هھڙو جادوءَ جو ديپ ڪنهن ٻاريو،
ڪن ايامن کان جو ٻُجهي (٤) ٿي نٿو.

ڪوئي آڙاهه آهي اندر ۾،
سمنڊ اوتيو مگر اُجهي ٿي نٿو.

ڪنهن جو پاري آ منهن جو غاليچو،
ڪيڏا ڏوڙيا گهليا گُهنجي ٿي نٿو.

راجا سانديبنتا ڪاڪ ۾ مومل،
واٽو ڪاٽو مري، مُنجهي ٿي نٿو.

ديد وچيل سدائين ڪنهن دڳ ۾،
ميل خير آ، نيڻهو ڪو مُنجي ٿي نٿو.

ويهي ڏاڪي ڊنگيانٿو (٥) خوشبوئون،
ڪوئي ڳانڍو، سڳو ٻُجهي ٿي نٿو.

---

(١) لُڇجهڻ = (ڪنهن لئه) بيقرار ٿيڻ، پريشان ٿيڻ يا لُڇڪڻ.
(٢) رُجهڻ = مصروف ٿيڻ. (٣) ٻُجهڻ = ٻُڌجڻ. (٤) ٻُجهڻ = ٻُجهڻ يا وسامڻ يا اُجهامڻ. (٥) ڊنگڻ = (مينهن يا ڳنڻونءَ ڪي ڏهڻ مهل) پونين ٻنهي ٽنگن ۾ رسو ٻڌڻ يا ڊنگ هڻڻ.

کوڙ ٻاهيون ٻرن ٽيون پر پاسي،
ذهن منهنجو رڃي، رڃهي ٿي نٿو.

ڪير منهنجو آهيڏي ميلي ۾،
مونکي پاڪر ته ڪو وڃهي ٿي نٿو!

دل گهريتي چوان، لڪان ڏاڍو،
ڇا ڪريان ڪجهه سڃهي (١) ٿي نٿو.

غزل

## استاد ٻخاري

مفت وڃين ٿو، واهڙ وهندو، ڪاري ساگر ڏي،
وٺ جي وچ تون، واهڻ واهڻ، گهر گهر، گهاگهر ڏي.

ديد اداسي، روح نگر جي، آهي رهواسي،
عيد اچا ڪا آئي ناهي، هئه هئه هين تر ڏي!

دانهن تي دانهن ڪندا سي، جن جي دل ۾ آهي دک،
فون فقط تي سگهندي آهي، فوناري گهر ڏي. (٢)

چار جنوني، مجنون ٻچي، چو ٿا متا ڦاڙيو،
ڏانءُ، ڏمر ۽ ڏيهه گڏائي، ڏوريون ڏونگر ڏي.

وصل وچوڙي وارو ليکو، عشق اڳيان کھڙو،
منچر کان 'استاد' اٿي آ ويندو ڪينجهر ڏي.

---

(١) سڃهڻ = پڇڻ يا وس واڪ ٿيڻ.
(٢) فوناري = فون واري.

## ماءُ، ڌرتي ۽ صليب

### نورالهديٰ شاهه

انهيءَ هڪڙيءَ تيليءَ سان
نس ـ نس جلائي
صبح ڪيو اٿم
۽ ڏهئي آڱريون ڪپي
لکي اٿم اها هڪڙي سٽ
'موت جي ڪاريءَ آنڌانڌهين نگر کان اڳتي
جرڪي ٿي زندگيءَ جي ريکا'
او ڌرتي! او ماتا!
منهنجين رڳن ۾ پيريل آهي
تنهنجي مٽيءَ جي خوشبو
۽ منهنجي اندر
يگن کان
جلي پئي
آشائن جي چتا
آشاؤن،
سنڌي سماج جي جنڊ ۾ پيڙهيل
۽ سيئي احتجاجي نعرا
نڙيءَ ۾ گهٽيل
ماءُ ۽ ڌرتي
يگن کان
صليب تي
آهيون لٽڪيل
سيئي نسون جلائڻ کان پوءِ
جو صبح اُڀريو
سو به هو رات جو ڪفن اوڍيل.

## غزل

### تاج جويو

ڳيڙو! تنهنجا ڳاڙها نيڻ،
برسائن ٿا ڌاندا نيڻ!

پيڙا ساڻيي صدين جي،
آيا تُنهنجا ارٿا نيڻ.

ڦهرتي ڪڙڪيا ڪان ٻڌجي،
ڪي ڪي هو ڏيارڏا نيڻ

ڌرتي! تنهنجا ڏک ڏسي،
روئي ويٺا آپ جا نيڻ!

ڪڏهين آپڻي پسند هيٺ،
ڳونڌاڻن جا ڳهرا نيڻ.

روز وڏيرو هاريءَ ٿي،
ڦوٽاڙي پيو ڪرڙا نيڻ.

پياس اجهائڻ آيس آءٌ،
جاني! تُنهنجا جهرڻا نيڻ.

جن به سُڄاتو سچ ڪي سائين،
سي ٿي چاڙھ سياڳا نيڻ.

ڌرتي لاءِ جي گهات ٿيا،
مور نہ آهن مرڻا نيڻ!

## X RAY

### زيب ڏيٿي

تون منهنجي ايڪسري آهين،
منهنجي تصوير تو ۾-
منهنجو زخمي سينو،
تو ۾ سمايل-
منهنجي آتما،
تو ۾ اڏايل--.
تون منهنجي ايڪسري آهين،
منهنجي هڏ ۽ چم ۾-
تنهنجي خمير جي خوشبوءِ،
تنهنجو من-
مون لئہ-
آرسي آهي،
جنهن منجهہ مان-
پاڻ پسان ٿو،
جڻ تو کي ڏسان ٿو.
تون منهنجي ايڪسري آهين،
منهنجي من جي-
ڪاري ڪاپي،
شوشي مان-
هڪ هٿي کي-
ڪيڏو اوڏو آهيون،
جڻ تو مو کي،
سيني منجهہ سمايو،
نيڻن سان آهي-
نينهن نڀايو.

## بي سريون راڳڻيون

### اطهر منگي

هر ڪا دل، اداس آ،
ڪيڏي چُپ چُپات آ،
سوچ جو نہ، سلسلو،
نہ، آهي ڪوئي، ولولو،
ائين ٿو لڳي پيو،
سمورو شهر آ، صفا،
مَري ويو!
ڳَري ويو!
ڪو، نہ چنگ، چوري ٿو،
ڪو ڪٿي جي چوري ٿو تہ،
وقت جي نہ بات آ،
نہ لات آ-.

ساٿيو!
ائين نہ ڪيو،
اڪيون پٽيو،
بي سُريون،
هي راڳڻيون،
بند ڪيو!
بند ڪيو!
بند ڪيو!

## نظم

### ملڪ نديم

تنهاين ۾
جڏهن ڪو
ايندو آهي ياد
تہ تلخيق ڪندو آهيان
نظام زر ڪان،
بغاوت جو نفرت جو
ڳاڙهو ڳاڙهو گيت-
مونکان محبت بہ تہ
زر ڏي کسي هٿي--

## ٻوڙها مورخ

### واجد

هن گهور انڌيري رات ۾ هاڻ
چوڏس تا الو ٻولين
وقت کي ٻنتي ٻه وڙائيندڙ
ٻوڙها مورخ
ٻنتي -
تمام گهٽو ٻنتي
ماضيءَ جي انڌيري ڏيهه ۾
سينن تائين لهي چڪا هن.

## نظم

### نصير مرزا

اوڙي چوٽيءِ مارچ
آڏيهه سَو سٽ ڪٽ ڪان پوءِ
جڏهن به
موتين تي
منهنجي من جي
چنتل قتن تان
ڪڙي ٻنتي لاهي
لپٽون لوڻ چو
هُرڪي تي وڃين!

■ ذراڻيل!

## راهي چنا

تون دل جي ڳالهه لڪائين ٿي،
مان من جي سموري چاڻ رکان ٿو،
ٻگلي آن پيار ڪري پڇتائين ٿي،
تون دل جي ڳالهه لڪائين ٿي،

جو دنيا کان گهبرائين ٿي،
مان پيار جي عظمت کي مڃان ٿو،
تون دل جي ڳالهه لڪائين ٿي،
مان من جي سموري چاڻ رکان ٿو.

ٽيڙو

## اياز گل

آءٌ ۽ سڄڻ
هڪڙو ماڻهو نالا ٻه
پيوند ڪيل وَڻُ.

ٻچي جو ساهُه ڪٽي
تولئه تارن توڙڻ جي ٿو
ڪيئنَ سو هامَ هڻي!

ڏهن رُپين جي موٽ
پيٽ ٻُڪيءَ، پينو ڇوريءَ جا
چارِ گهڙي لئه گهوٽ.

ٻَمن ڌَماڪا
"ڏٽي!، ڏج پناهه ڏون"
ماڻهن جا واڪا.

ٽيڙو

## نور گهلو

نئون نڪورو انگ
جيون منجهه پري ويو
لال گلابي رنگ.

نئين ڪهاڻي
پاڙي ۾ هڪڙي
ڇوري ساماڻي!

چاچو ڪتڪو
وچڙي وڄ وجود سان
جيئي Emko

غزل

## مخنيا ملڪ

هي جوين ته ناهي رکو آ خواري
نٿي لڄ ٻچائي سگهي ڪا ڪنواري
نه چنبن ۾ جيڪا پکوڙي ٿي سگهجي
انهي لاءِ گونجي ٿو ڪاري آ ڪاري
حويلي مان ٿهڪن سان سڏڪا ٿي آيا
روئي چنڊ تارن سڄي رات گهاري
ڪڙا ڪوٽ مارون رڪاوٽ ويون ٿي
ڪڇي ڪونه سگهندو اکيان زور زاري
ليکڪ جو ڪو ڪي قلم مات ٿي ويو
تاريخ لکندو ڪو آخر ته ساري

## غزل

# سرفراز راڄڙ

جڏهن شهر ۾ اوهين ٻڌو ٿا،
زوريءَ اوهان کي ياد اچون ٿا.
هونئن جي ويجها ناهيون تڏهن،
ڪڏهن اوهان جا ڪين ٿيون ٿا.
ڏوهه ڪو اسان جو آهي شايد!
ڇو اوهان کي ڪين وڻون ٿا؟!
تنهائيءَ ۾ جڏهن ملئون ٿا،
دردن کي چڻ ٿڌو هٿون ٿا.
پرپٺ جيڪي اوهين چئو ٿا،
ٻڌون ٿا ته زهر پيون ٿا.

منهنجي اڱڻ تي ڪڏهن
تون ايندين پرين
منهنجي پياسي دل مٿان
وسندين پرين
ڪجهه ڏيندين پرين
۽ وٺندين پرين
منهنجو ٿيندين پرين.

## سچ جو لڙڪ

# ادل سومرو

مون کان پڇ
چپ رهي او چريا!
ايڏو نه لڇ
ڪجهه نه ڪڇ۔
ان کان اڳ، جو جذبا تنهنجا
تنهنجي اندر منجهه سڙي
ٻاڦ جو روپ ڌاري
تنهنجي اکڙين جي ڪناري
تي تڏا۔
تنهنجي ڳلن تان پون ڳڙي۔
مون کان پڇ
ڪجهه نه ڪڇ
پر جيڪڏهن
لڙڪن سان تنهنجي
لنوءَ وئي آهي لڳي۔
ته پاڻ تي تون لڙڪ تي پوءِ
سچ جو لڙڪ۔
اُئين جي تي نتو سگهين
ته مون کان پڇ
پڙڪ۔
پنيت تي پڙڪ۔
اُئين جي تي نتو سگهين
ته مون کان نه پڇ
نوڙ ڳچيءَ ۾ پائي
لام تي لڙڪ۔

(جو نه جيون آهي
پڙڪن۔
جيڪو اَجهاميل آهي
مٺل آهي)

غزل

## ج. ع منگهاڻي

چنگ ڀلا هي چوريو ڪنهن؟
حال اسان سان اوريو ڪنهن؟
الري الري آيو اڳيان،
سوئي ڏونگر ڏوريو ڪنهن؟
اڪر اڪر پيو زهر اوڳاري،
جيءُ اسان جو جهوريو ڪنهن؟
هوشوءِ جو پي هانءُ ٺري پيو،
سر ڀلا هي گهوريو ڪنهن؟
لفظ 'منگهاڻي' تي ويا سڏڪا،
سور پراڻو سوريو ڪنهن؟

فراق

## منير گهاڻگهرو

چپن جو ميلاپ
مٺاڻ جو احساس
هاءِ ڪيترا نه مٺا چپ اٿس! (سوچ)
تعريفي جملا
پيهر چپن جو چسڪو
مٺاڻ جو ذائقو چاتل سڃاتل (خيال)
....سوچن جي سنسار ۾ سفر....
چرڪ (ياد پوڻ جي ڪري)
هي مٺاڻ چپن جو نه پر Jam جو آهي
جيڪو مونکي نيرن ۾ ونڊو آهي
۽ پوءِ
ڪوڙاڻ جو احساس.

■ ٽہ اکيل

## سنڌار

لهرون لهرون پـاڻـي اس
پلٽي پيئي مٿان بـــرسات
ڪوماڻل منهن وائي وات
پلٽي پيئي مٿان بـرسات—
وارو وارو واڪـــا وس
سک نہ سرديو ساري رات
لهرون لهرون پـاڻـي لس
پلٽي پيئي مٿان بـرسات—

(نئون شاعر)

■ آس

## رزاق

جڪڙيل آهيون
سماج جي،
ڪوڙهيل نظام ۾.
اداسي آهہ من تي ڇانيل،
وياڪل – وياڪل هانءُ،
هڪ آس آ.
او ساٿي!
سيني منجهہ،
گهٽن ڏينهن ڪانوني
اها آهي،
آزادي، آزادي.

(نئين شاعر)

■ ٽيڙو

## خديجہ سمون

هر ڪا راهہ اداس
منزل جو پنڌ پري
اڳتي هلڻ لئي دل نراس

پريشان زندگيءَ جو روپ
مونکي حسرتن جي پاڇي اڳيان
لڳو پئي جڻ غروب

■ غزل

## اطهر قريشي

جنهن جي ڪارڻ آيا آهيون،
سي تہ سائين پهتا ناهن.

هن شهر ۾ رستا ڏاڍا،
تنهنجي گهر جا رستا ناهن.

تنهنجي حسن جو آهہ هڳاءُ،
راهن ۾ گلدستا ناهن.

سپنو سپنو ڏنگ هڻي ٿو،
خواب ڏسڻ ڪي سستا ناهن.

## وڇوڙي

نِهن - ڪنول مرجهايل مرجهايل
سنيهه جي منجهن ليڪ نہ ڪائي
جهڙا رک تيل ٽاندا.
ٻانهن ۾ ٻانهن هئي جڪڙيل ٻانهون
سڪل وڻ جون ڄڻ بيجان لامون.
ڇاتيءَ ۾ هئس نہ ڇوهہ سمونڊ جو
ٻُٽ هيس ڄڻ سارو جل ٽل.
هٿ ڦريس ٿي منهنجي انگ تي
آڱريون هيس ڄڻ ٻاهر ڪندا.
چپ سڪل هيس منهنجي چپن ۾
ڪاڻا ڦڪا هئا ڄڻ ڇوسيل ڇوسيل.
ساهن ۾ هيس مانار موت جهڙي
هراسجي ساري ڏکي پئي.
انگ انگ ۾ هيس راز ازل جا
اندران ٻيهي بہ سکڻو آهس.
ديهہ- ڌرم ماڻي، وس ۾ آڻي
جيتي نہ سگهيو هوس من هن جو
منهنجي من ڪان ڪوهين ڏور هو
من هَن جو — تَن هَن جو.

## سکڻو جيون

مون وٽ ڇا هو
تنهنجي لاءِ
رکيو هي جيون سکڻو
اهو بہ هاڻي
ڪم جو ناهي.

## رچنائون

(ناڪر شرما کان متاثر ٿي)

گهڻن ڏينن کان پوءِ مليو
ڏيرو ۽ نٻل
هڙپائون نڪتل
پڇيومانس:
اڄ ڪلهه لکين نه پيو؟
ڪجهه ته رچيو هوندءِ؟
ڪجهه ته لکيو هوندءِ؟
پنهنجون تخليقون ڏيکار ته سهي.
پنجن ٻارن ڏانهن اشارو ڪيائين:
اهي آهن منهنجون رچنائون
اهي آهن منهنجون تخليقون.

## چهرا

گاڏيءَ ۾ سوار
دريءَ مان پسان پيو
پليٽ فارم تي ڪئين چهرا
سهڻا ۽ ٻهڪندڙ
بنا ٽڪيٽ ۽ هراسيل
منزل ماڻيل ۽ مرڪندڙ
جرڪ مرڪ جرڪ مرڪ جيئرا چهرا
رهجي ويا سڀئي پويان
هوريان هوريان
ڪو به چهرو ياد ناهي
ڪير ڪهڙو - ياد ناهي.

## ٽٻل عڪس

ياد اٿم رکو اهڙو
سون ورڻو هو چهرو اهو
لاريءَ ۾ ويندي هئم ڏنو
ڇار جي ڏار تي
ننڍڙا ننڍڙا
موتين جهڙا
پيرون پٽيندي
جهول پريندي.
ڪچيءَ ۾ هس
نرڙ تي ٽيلڙي
مندر جي ڪا مورتي
ڳاڙها ڳل
سيندُور ۾ چڙ ڪير ملبل
ڪاڙهي تنهي جو
ونگ هئس وڱهريل وڱهريل
پولڪا ۾ ويڙهيل
گهاگهري ۾ پوتل
انگ منجهس آجلا آجلا
مکڻ جا چڻ چاڏا چاڏا
لاري جلدي لنگهي ويئي
منهنجي نظرن کي گهائيندي ويئي
اڄ جڏهن ٽٻل عڪس
جوڙيان ٿو
تصوير نٿي ڪابہ جڙي
رهجي ويئي آهي نظر ۾
چهري جي رکو چمڪ.

## ڦيرو

گهر ۾ گهڙيو آهيان
در تي موهٽي مرڪ
آجيان لاءِ نہ آئي
نڪي ڪڙڪي تي
ڪو آواز پڇڻ جو بہ آيو.
ماڻيءَ تي،
ڪنهن نہ ڪيو ڪو اوسيڙو.
هوءَ سمهي پيئي آهي،
گهري ننڊ ۾،
بي سڌ —
پنهنجو پاڻ ڪان بہ بي سڌ.
ڪونگهرن ڇڏي آهي ڦٽائي
منهنجي ننڊ.
سوچيان ٿو:
هيءَ آهي ڀاڳ ڀري اهائي
گهورون جا مون تان
گهوريندي هئي
ساهہ ۾ ڀري سڳنڌ
ڪندي هئي
منهنجي اچڻ جو اوسيڙو
در جي هر ٺڪاءَ تي
ٿيندي هئي هوشيار
۽ پسي مونکي
ٻٽجي ويندي هئي نئين ڪنوار.

# مضمون


| | |
|---|---|
| ميرو لانگهو | طارق اشرف |
| اسين لوچون لوهہ ۾ (جيل جي ڊائري) | رشيد ڀٽي |
| داستان يا قصو | فيروز احمد ميمڻ |
| ٽي ڪتاب | ذوالفقار راشدي، عبدالجبار جوڻيجو، قاضي خادم |
| آدبي خط | مختلف لکندڙ |

جرگي جا ميمبر هئا. ساڳيو ڊپٽي ڪليڪٽر هو. ٻانهون خان ۽ پيرل جت شاهدي ڏيڻ لاءِ پهتا. پيرل پنهنجي شاهديءَ ۾ چيو: مرڻ کان ڪجهه ڏينهن اڳ هوت مونوٽ آيو هو، هن مونکي چيو هو — ميري مونکي چيو آهي ته مان توکي ماريندس، سو مونکي ماريندو، مونکي بچايو. انهيءَ جي پٺيان ٽئين ڏينهن شهداد ڪوٽ ۾ ميرو مونکي مليو. مون کيس چيو: هوت مون وٽ دانهين آيو هو، تون ڇوتو هنکي تنگ ڪرين. ته هن مونکي چيو: مان هوت کي ضرور ماريندس. ۽ انهيءَ جي ٻن ٽن ڏينهن کانپوءِ خبر پيئي ته هوت مارجي ويو. ڊپٽي ڪليڪٽر مونکي چيو: تون هنکان ڪجهه پڇڻ چاهين ٿو. مون چيو: ها. مون پيرل کان پڇيو: هوت جو توکي چيو ته ميرو مونکي ماريندو ته تو ڪنهن زميندار کي چيو ته انهن جو فيصلو ڪرائي؟ هن جواب ڏنو: نه. — ڀلا توکي جي خبر هئي ته مان هوت کي مارڻ ٿو گهران ته تو پوليس ۾ رپورٽ لکرائي؟ هن جواب ڏنو: نه. — ڀلا ايترو وقت اِهو ڪيس هلندو رهيو آهي تو ڪنهن سان اِها ڳالهه ڪئي؟ چيائين: نه. — مون ڊپٽي ڪليڪٽر کي چيو: بس، مونکي وڌيڪ ڪجهه پڇڻو ناهي.

”ٻانهي خان پنهنجي بيان ۾ چيو: واردات کانپوءِ ميري جا پٽ، ڀائر ۽ ماءُ مون وٽ آيا ۽ اچي چيائون — ڏوهه برابر ميري اڪيلي ڪيو آهي، پر اوهين وچ ۾ پئجي فيصلو ڪرايو. مون ٻيءَ ڌر کي سڏايو، انهن ميري وارن کان سنگ گهريو، پر هنن سنگ نه ڏنو. پئسا ڏيڻ جي آڇ ڪيائون. جيڪا ٻي ڌر نه مڃي.

”ڊپٽي ڪليڪٽر مونکي چيو: توکي هنکان ڪجهه پڇڻو آهي. — تنهنجي اِهو سراسر ڪوڙ ڳالهايو هو، هاڻ مان ڇا پڇان. مون چيو: نه مان ڪجهه پڇڻ چاهيان.

”نيٺ جرگي مونکي چوڏهن سال سزا ڏني. مونکي سکر سينٽرل جيل آندو ويو. مون وري اپيل ڪئي، پر هاڻ دربار علي شاهه جي بدلي ٿي ويئي هئي، نئين ڪمشنر سزا برقرار رکي.“

ميرو ڳالهه پوري ڪري مُرڪڻ لڳو. سندس مُرڪ ڏاڍي معنيٰ خيز هئي. ڪافي دير مان ماٺ ڪيو ويٺو رهيس، پوءِ ميري کان

پڇيم، ”ميرا، ڇا خون واقعي اوهان نه ڪيو هو؟“ ميري منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي چيو، ”سائين، تون مرشد ويٺو آهين، مونکي جيڪا سزا لڳي سا مان پوري ڪري ويٺو آهيان. باقي اهو خون مون نه ڪيو هو. ناحق ۾ سزا ڀوڳي اٿم.“ پڇيومانس، ”ڀلا انهيءَ کان اڳ...“ ميري آڱر نڪ تي گهندي چيو، ”سائين، ائين ته گناهگار آهيان، ڪيئن گناهه ڪيا اٿم.“ چيومانس، ”ائين ته نه آهي جو ٻين گناهن جي سزا ۾، اها ناحق سزا ڪاٽي رهيا آهيو.“ چيائين، ”سائين، ائين به هوندو. الله معافي ڏي.“

ميري ٻڌايو ته هو ۴ سال ڪچو (بنا سزا جي) رهيو ۽ ۱۴ سال سڪا سزا ڪاٽي اٿس. معافيءَ کان علاوه ۽ معافيءَ سان سزا ته گهٽجي وئي هئي، پر جيل ۾ جيڪي ڦڏا ۽ جهيڙا ڪيا هئائين، انهيءَ ڪري سزا وڌي وڌي وري ۱۴ سال تي ويئي. ميري ٻڌايو ته: ”سائين، هاڻ ته چال چلت به ڪيترن سالن کان سٺي آهي، انهيءَ جو ثبوت اهو آهي ته هن دفعي سيلاب تي (۷۵ ۾) ڪم تي موڪليو هئائون. سيلاب تي رڳو انهن کي موڪليندا آهن، جنجي چال چلت سٺي هجي. پر نه ڄاڻ اڃا ڇو نٿا ڇڏين. ميڊيڪل صاحب (ڊاڪٽر نور محمد ميمڻ) کي عرض ڪيو اٿم، ٻيو ته ڪو ٻڌي ڏي ڪونه ٿو، هن چيو آهي ته آءِ، آءِ- جي صاحب کي چٺي توکي ڇڏرائيندس، هاڻ خدا ۾ ۽ ميڊيڪل صاحب ۾ اميد آهي. اوهين سيد آهيو، مرشد آهيو، دعا گهرو ته هاڻ جلد ڇٽان. هاڻ بيزار ٿي پيو آهيان. هاڻ نه ڇڏيندا ته جيل ۾ ڪنهن نه ڪنهنجو خون ڪري وينهندس.“

جيل ۾ مان جنهن ڪوليءَ ۾ رهيل هوس، ڪجهه ڏينهن کانپوءِ جڏهن شاهه محمد شاهه جهلجي آيو ته اهو به اتي اچي رهيو. شاهه کي چاڪاڻ ته آءِ ڪلاس هو، تنهنڪري انهيءَ ڪوليءَ کي رنگ روغن ٿيڻ لڳو. مان ۽ شاهه پرسان واري ٻئرڪ ۾ وڃي رهياسين، پر چاڪاڻ ته اتي ڇهه ست ڇٽا هئا، تنهنڪري گوڙ ۾ مونکي ننڊ نه ايندي هئي، مان ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ کان اجازت وٺي، ميري واري وارڊ ۾ خالي ڪوليءَ ۾ وڃي رهيس. اتي رڳو ٻه ڪوليون هيون، ٻيءَ ۾ ميرو رهندو هو. ميرو ڏاڍو خوش ٿيو، روز مونکي پنهنجي

پچي. ان مشاهدي مطابق ٿي ٻاهر نڪرڻ پڇاڙيءَ زندگيءَ جي سفر ڏا ساڻي چونڊ ٿا پوندا. هينئر ٻنهين بند ٿيڻ جو وقت آهي. سپاٽي جيل ۾ ڏنو ويندو.

## ٢٠ مئي- ١٩٧١ع

گذريل پنجن ڏينهن جي ڊائري نه لکي سگهيو آهيان. ڇو جو جيل ۾ پنسل ۽ چرس سمگل ڪرڻ سولو آهي، پر پنو ۽ پينسل ڏکيو. انهن ڪي هت آڻڻ ۽ ان لاءِ ماحول ٺيڪ ڪرڻ ۾ پنج ڏينهن لڳي ويا.

١٥ تاريخ صبح جو ٿي عبدالوهاب شاهه فيض کي خيرپور مان وٺي اچي اسپتال پڳو، ۽ مونکي ساڻ ڪري ٻه سٽڪرڪٽ جيل وٺي آيو. ميجر يوسف جيل موڪليندي وارنٽ ۾ سيني سهوليتن ڏيڻ جو حڪم ڪري وري به پنهنجي شرافت جو ثبوت ڏنو هو. هن نه رڳو هند ۽ گهر جي ماڻيءَ لاءِ لکيو هو، پر ملاقات جي به تاڪيد ڪئي هئي. سو ٻهرين ڏينهن ٿي جيل تي پڇڻ سان بي اداڻي وڳي تائين جيل آفيس ۾ ويٺو مٽن مائٽن سان ملاقات ڪندو رهيس. سپرنٽنڊنٽ جميل صديقي سٺي نموني پيش آيو ۽ سيفٽي ڪٽ به ڪٺڻ ڏنائين. ڊاڪٽر سعيد به سکر جو هو ۽ واقف نڪتو.

قاعدي پٽاندر نئين قيديءَ کي پهريان هڪ ٻه ڏينهن ڪارانٽين (Quarantine) ۾ رکيو ويندو آهي، جيستائين سندس ڪم وغيره لڳي ۽ رهڻ جي جاءِ الاٽ ٿئي. پر مونکي پهرين ڏينهن ٿي الڳ پراڻي ڦاسي گهاٽ ۾ وڪيو ويو (هينئر هن جيل ۾ ڦاسي ڪانه آهي)، جتي الڳ نويڪلو پڃرو ڏنو ويو آهي. ڦاسي گهاٽ ۾ ٽي پڃرا آهن، جي بلڪل اهڙا آهن جيئن گانڌي گاردن ۾ شينهن وارو پڃرو. پڃرن جي ٻاهران هڪ ڊيڪيل ورانڊو آهي. مونکي جنهن پڃري (نمبر١) ۾ رکيو ويو، ان ۾ رات تائين اين ايس ايف وارو ڊاڪٽر رشيد رهيل هو، جنهنکي صبح حيدرآباد بدلي ڪيو ويو هو. ان ڪري ڊاڪٽر سعيد چرچي ۾ چيو ته هن پڃري تي اهو بورڊ ٿا هڻي ڇڏيون: Reserved for Rasheeds only. ٻئي نمبر پڃري ۾

آهن. اسان جيل ۾ هڪ ٻئي ڏي ايندڙ ويندڙ پارٽين هٿ نياپا موڪليندا آهيون. اهڙيون چورن جون پارٽيون ڪم و بيش روزانو پيون جيل ڪان جيل بدلي ٿينديون آهن. ان ڪان اڳ اياز منهنجي بيماريءَ جو ٻڌي طبيعت به هڪ ٻه دفعو پڇرائي هئي. ڪوسو ان ڪان اڳ به جيل تي ملڻ آيو هو. ان پيري ساڻس گڏ 'هوشو' ڪتابي سلسلي وارو نوجوان ۽ جوشيلو ورڪر عطا محمد ڀنڀرو به ساڻ هو.

جيل ۾ وقت ائين ئي ساڳئي نموني ڪٽجي پيو. البت هينئر ڪدڙي جي حالت تي رحم ايندو آهي ۽ کل به. سندس زنانا ڪپڙا ڳري ويا آهن. چورن مڙداڻا ڪپڙا ڏنا اٿس. ڏاڙهي به وڌي وئي اٿس. عجيب خلقت لڳندو آهي. اڄ ڪالهه ڏينهن جو ڪليل هوندو آهي، صبح جي چانهه تي اچي سلام ڪندو آهي. ڪوليءَ ڪي ڀاري ڏيئي، چانهه جو ڪوپ پي هليو ويندو آهي. هن ڪدڙن جي انسٽيٽيوٽ بابت عجيب و غريب ڳالهيون ٻڌايون آهن. ان ۾ داخلا ڪيئن ملندي آهي؟ ڪدڙي جا گهڻا درجا آهن؟ ڪدڙي جو عشق ڪيترو نه خطرناڪ آهي؟ ڪدڙي کي دفنائبو يا سندس جنازو ڪيئن ڪڍبو آهي؟ مطلب ته اهڙيون ڳالهيون ٻڌايون اٿائين، جن جي اڳ ملائڪن کي به سڌ ڪانه هئي.

١٤ تاريخ منهنجو فريادي، سکر جو ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جيل گهمڻ آيو هو. مان ليٽيو ڪتاب 'ڪوائٽ فلوز دي ڊان' پڙهي رهيو هوس ته هو جيل اسٽاف سميت اچي پڇري پيڙو ٿيو. منهنجي رهڻ جو ڍنگ ڏسي هانءُ سڙي ويس. اسانکي ائين رکڻ جو سبب پڇيائين ته سپرنٽنڊنٽ وراڻيس، "خطرناڪ قيدي آهن، انڪري کين ٻين چورن سان رکڻ ٺيڪ نه آهي. باقي هنن ماني ٽڪي ۽ آرام مارشل لا اختياريءَ وارن جي هدايتن ۽ ڊاڪٽرن جي سفارشن تي مليل اٿس." هن سندس ٻئي متوقع سوال جو جواب به اڳواٽ ڏئي ڇڏيو. هو چپ پيڪوڙيندو هليو ويو. ١٥ تاريخ تي ڊسٽرڪٽ ۽ سوشن جج محمد علي عبدالرحمان به وزٽ تي آيو. شايد معالياني انسپيڪشن جو زمانو هو. مڙس ماڻهو ۽ مهل جو ٻار آهي. دل وٺرايائين، هن پيري به

سان مقابلو ڪري ان تي فتح حاصل ڪئي آهي. ڪهاڻي انسان جي برتري جي احساس جي تسڪين جو ذريعو آهي. ڪهاڻي حقيقت جي دنيا کان پري خيال، رومان ۽ تصور جي دنيا جي تازه تصوير آهي. ڪهاڻيءَ جو اهو ئي تصور قصي جو بنيادي تصور آهي.

قصا، پڙهندڙن کي اهڙي تفريح، دلچسپي، ۽ اهڙو ذهني سڪون جو سرمايو مهيا ڪن ٿا، جن ۾ 'ڇو' ۽ 'ڪيئن' جي گنجائش ڪانهي. قصي جو بنيادي مقصد فقط اهو آهي ته قصو پڙهندڙ/ٻڌندڙ لاءِ دلچسپي جو ذريعو بڻجي. اهو ئي سبب آهي ته قصي کي طويل کان طويل‌تر ڪيو ويو، ته جيئن پڙهندڙ گهڻي ۾ گهڻي عرصي تائين حقيقت جي دنيا کي وساري خيال ۽ رومان جي دنيا ۾ سير ڪري سگهي. تنهنڪري قصو ٻڌائيندڙ ۽ لکندڙ قصي کي طويل بنائڻ لاءِ اصل قصي سان ضمني قصا به ملائي پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جي توجه گهڻي ۾ گهڻي عرصي تائين قصي ڏانهن رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

قصي انسان جي عملي زندگي جو هڪ اهڙو ضابطو مرتب ڪيو آهي، جنهن ۾ بي انتها عيش ۽ عشرت آهي. جيڪو جرئت، همت، شجاعت ۽ مردانگي جو مظاهرو ڪري ٿو، ته موت ۾ دائمي سڪون ۽ خوشي حاصل ٿئيس ٿي. مروت، محبت ۽ همدردي جي موت ۾ عزت ۽ مرتبو مليس ٿو. وقتي سختي جي عيوض دائمي راحت.

قصي جي دنيا مشاهدي ۽ فڪر جي آباد ڪيل ڪانهي، بلڪ تصور ۽ خيال جي آباد ڪيل آهي. ۽ انجي سينگارڻ ۽ سنوارڻ ۾ نثر ۽ نظم پنهنجون پوريون پوريون قوتون ڪم آنديون آهن. تنهنڪري قصي ۾ هر طرف حسن جمال ۽ بهادري جا نظارا بيان ڪيل آهن، تنهنڪري قصا، پڙهندڙن لاءِ ڪشش جو باعث بڻيا آهن.

قصي جي هڪ خوبي اها به آهي ته انهيءَ ۾ هڪ اهڙي دنيا قائم ڪيل هوندي آهي، جيڪا ڪڏهن ڪڏهن حقيقي دنيا کان به وڌيڪ سچي ۽ قابل يقين نظر ايندي آهي. جيڪو ڪجهه فطري ڪونهي اهو قصي ۾ فطري ۽ جيڪو ناقابل يقين آهي، اهو يقيني ۽

قابل قبول محسوس ٿئي ٿو. ۽ اهائي ڳالهہ پڙهندڙ پسند ڪندو آهي. گهڻن قصن ۾ اها خوبي هوندي آهي تہ ڪهاڻيءَ جا ڪردار حقيقت کان وڌيڪ مثالي هوندا آهن ۽ اهي غير معمولي ڪم ڪندا آهن جو پڙهندڙ يا ٻڌندڙ حيران رهجي ويندو آهي ۽ جنهن نيڪي جي رستي تي اهي ڪردار هلندا آهن، پڙهندڙ انهن کي ٺيڪ صحيح رستو سمجهندو آهي.

قصن ۾ فقط اهي ئي خوبيون ڪونهن تہ اهي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ ۾ دلچسپ لڳن ٿا، پر هر قصي ۾ گهڻي ڀاڱي چڱو مقصد پڻ رکيل هوندو آهي. هر قصي ۾ بدي کي ننديو ويو آهي ۽ نيڪيءَ کي ساراهيو ويو آهي. ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ جي مقابلي ۾ رحم ۽ همدرديءَ کي ساراهيو ويندو آهي. ڪنجوسي جي ڀيٽ ۾ سخاوت جي واکاڻ ڪيل هوندي آهي، بزدلي جي ڀيٽ ۾ بهادري، ۽ نا انصافين جي ڀيٽ ۾ انصاف ساراهيو ويندو آهي.

علامتون:

قصن ۾ ديو، ڀوت، جن، ڏائڻيون، برائي جي علامتن طور پيش ڪيل هوندا آهن.

پريون، پريزاده، شهزاديون، شهزاده ۽ درويش، نيڪي جي علامتن طور پيش ڪيل هوندا آهن.

هر قصي مان اهو سبق ملندو آهي تہ برائيءَ جو نتيجو سدائين برو ۽ نيڪيءَ جو نتيجو سدائين چڱو نڪرندو آهي. فتح هميشہ حق جي ٿيندي آهي.

داستان، ناول ۽ افساني ۾ فرق:

انسان جي ابتدائي دؤرڪان ئي قصا يا داستان وجود ۾ آيا. پر جيئن تہ ابتدا ۾ انسان ايڏو ترقي يافتہ ڪونہ هو، تنهنڪري قصن ۾ گهڻو ڪري ديون، جنن، ڀوتن يا بادشاهن ۽ پرين جون خيالي ڳالهيون هونديون هيون. پر جيئن جيئن انسان ترقي ڪندو ويو تہ سندس سوچ ۽ خيال ۾ تبديلي اچڻ لڳي ۽ هنجو لاڙو حقيقت ڏانهن ٿيڻ

سان واسطو نہ هوندو آهي. نہ ئي قصي ۾ وقت جو خيال رکيو ويندو آهي. پر ناول ۾ هڪ بامقصد ڪهاڻي هوندي آهي ۽ فن جو پورو خيال رکيو ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ناول ۾ ٻين ڪردارن جا واقعا ڏنا ويندا آهن تہ انجو ناول جي مک ڪهاڻيءَ سان ۽ مک ڪردار سان لازمي ڳانڍاپو هوندو آهي.

ناول جي ڀيٽ ۾ افسانو نہ فقط مختصر آهي، بلڪ ناول واريون سموريون خوبيون بہ مختصر افساني ۾ موجود هونديون آهن. قصي ۽ ناول ۾ مک ڪردارن کان علاوه ٻيا بہ ڪيترا ئي ڪردار هوندا آهن ۽ انهن ڪردارن جون بہ ڪهاڻيون ۽ واقعا بيان ڪيل هوندا آهن، پر مختصر افسانو هڪ ڪردار جي ڪنهن بہ هڪ واقعي تي ٻڌل هوندو آهي. ۽ مختصر افساني ۾ جيڪڏهن ٻيا ڪي ضمني ڪردار هوندا آهن تہ اهي سهارو ڏيندڙ ڪردار (Supporting Corrector) هوندا آهن ۽ مک ڪردار کي هٿي ڏيندا آهن. مختصر افسانو ڪنهن هڪ واقعي ڏانهن اشارو ڪري ٿو. پر جيڪڏهن ان ۾ ٻيا ڪي واقعا پيدا ٿين ٿا، تہ فقط انهيءَ ڪري تہ مک ڪهاڻيءَ کي سهارو ڏين.

قصي ۾ نہ ڪردار نگاري هوندي آهي ۽ نہ حقيقت پسندي. انهيءَ ۾ رڳو حيرت ۾ وجهندڙ واقعا هوندا آهن. زندگي سان واسطو رکندڙ ٻين واقعن جي ثانوي حيثيت هوندي آهي. پر ناول ۽ مختصر افساني ۾ حقيقت ۽ ڪردار نگاري ڀرپور فنائيتي نموني هوندي آهي. خاص ڪري ناول ۾ زندگيءَ سان واسطو رکندڙ ننڍين ننڍين ڳالهين جو بہ ذڪر ڪيل هوندو آهي. افساني جي ڀيٽ ۾ ناول ۾ منظر ۽ ڪردار نگاري پيش ڪرڻ جي وڌيڪ گنجائش هوندي آهي. انهيءَ جي ڀيٽ ۾ افساني ۾، جيئن تہ افسانو مختصر هوندو آهي، تنهنڪري ڪردار نگاري مختصر نموني سان ڪبي آهي ۽ اهو ئي افساني جو فن آهي تہ آها ڪردار نگاري، جيڪا ناولن ۾ صفحن جا صفحا ونيو چڙهي، افساني ۾ ڪن سٽن ۾ بيان ڪبي آهي.

قصي ۾ اهو عيب هوندو آهي تہ ان ۾ هڪ خيالي دنيا وسايل هوندي آهي، جيڪا حقيقي دنيا کان بلڪل مختلف هوندي آهي،

”منهنجي دنيا جَر جان اونداهيل“

—

”تنهنجي دنيا چِيٽ جا ميلا.“

—

”منهنجي دنيا سيج ۾ سڏڪا.“

—

”او جاڳي ۾ سپنا ساري.“

—

”دٻجي وئي دل آهن ۾،
ڄڻ ڪوهه اندر شهونگ.“

—

”ولهه تي جيئڻ ونڊ ڪنڌ جهڪائي“

—

”مرڪ تنهنجي من-ڏٺي، بهار بانورا ڪيا.“

—

”تون نه آئين هير جان ته اک لڳي نه دل لڳي.“

—

”لوڪ-لڪا چاهه؟ اسان لاآبالي ڙي،
هو جهُڙيالي ڙي!“

—

”اڄ تنهنجي ايل جيئندس مان.“

—

”آهٔ ته منجري ڪا سرهائي، آهٔ ته ڪريون
ڪا روح رهاڻ!“

—

”ڪوچاويو گلن مان بوء ڄڻ ته پرڪري وئي.“

—

پٽ تي جهرڪيون، اندر ۾ آجهڪيون، چيٽو ويٺي چڙيان،
لوڪ جون لاٽيون، ڪڪ ۾ ڪاتيون، چيٽو ويٺي چڙيان،
مان تہ چيٽو ويٺي چڙيان.
("چيٽو")

مٽي ۾ ڦيري من ۾ آماڙيون،
چڙ تہ سراڻ تي ڪاتي،
منهنجا پاتي، مان تہ سنيهو پٽي ڳايان،
مان تہ سنيهو پٽي ڳايان.

جوين تنهنجو جيٺين سدائين،
چڙ تہ قنداري ڏاڙهون،
منهنجا ماڻهون، مان تہ سنيهو پٽي ڳايان.
مان تہ سنيهو پٽي ڳايان.
("سنيهو")

پيا پارا اڪن تي ڙي ڏاڏيڙا،
ڪانهي وندر وڻن تي ڙي ڏاڏيڙا،
هيلوڪو وري آءُ،
هيلوڪو وري آءُ.
("ڏاڏيڙو")

جهاڙ رکي جوڳيءَ لاتي هنئين اندر هور،
جهور ڪيا جيءَ اندر پپل وارا پور،
پپل وارا پور!
گهور وڃان گهور!
("چيچ")

ڪکر موڙيا ڪرَ، الا، ڪکر موڙيا ڪر:
پور پکيڙيا پرَ، الا، پور پکيڙيا پرَ -
مور تو تلي،
الا مور تو تلي.
("مور تو تلي")

تنور وانگي پرڙل پيٽ جنجو ٽانڊن سان،
آهي بهشت وچڻ جو پٽو بڏائين ٿا.
هي گرم لڙڪ، تڏا ساهہ پنهنجي موڙي ٿي،
سڙي ٿي دل تہ نرڙ جو پٽو بڏائين ٿا.

---

اوهان ڇتائي ڏسندا تہ پروڙي سگھندا تہ نياز جي نئين غزل ۾ محرومين جو احساس، بيباڪي ۽ بغاوت جھڙيون شيون تہ گھٽ ۾ گھٽ نٿيون ٿيون پر تغزل، رندي ۽ سرمستيءَ جون جهلڪون ڪي ٿورڙيون پڻ سبيون مگر نياز جو ڪلام انهن گڻن کان صفا خالي بہ ڪو نہ آهي:

يار نياز، ستارن جان جنهن سينگاريا سپ سپنا منهنجا،
شاعر ٻڌجي انجي محابي جوهر وانگي جرڪيو آهيان.

---

عشق جو قلم ڪٽي حسن جو بيان ڪجي،
ذهن جي زبور سان ڪو غزل نهان ڪجي.

---

ياد تنهنجي اچي ٿي جڏهن چنڊ جان،
دل ستارن جان ٿي پريشان ٿئي.

---

ڪنهن ٻرندڙ جي پريت مون تان هر بلا ٽاري وئي،

---

تون جو مرڪين تہ منڊ ڪئي مستي،
دل جي وستي خوشين سان وسجي وئي.

---

مگر آتي ٿي انقلاب جا جهنڊا بہ ڦڙڪندي نظر اچن ٿا:

آدميءَ جي اذان انقلاب زنده باد،
جاڳ اي ستل جهان انقلاب زنده باد.

تنهن هوندي بہ هيءُ لفظ وڏي واڪي چئي سگهبا تہ نياز جيڪو رس ۽ ساءُ لوڪ گيتن ۾ پيدو آهي آها ڳالهہ سندس غزلن ۾ ڏڪي

ڪڍي سگهجي. مان اڳيئي چئي آيو آهيان تہ نياز ٻوليءَ جو باشاه آهي. وٽس تشبيهن جي جهجهائي ۽ نواڻ بہ آهي پر تنهن هوندي بہ گهڻو ڪري نعري جي شدت سبب هو فن جي انهيءَ گهرج سان نہ نباهي سگهيو آهي تہ:

هر چند هو مشاهدهٔ حق کي گفتگو
بنتي نهين هے باده و ساغر کهے بغير (غالب)

اهائي شيءِ شعر ۾ عظمت جو اهڃاڻ بڻبي آهي جنهنکي علم عروض جي اصطلاح ۾ 'ايهام' جي صفت سڏبو آهي. هونءَ شاعري ڪنهن مذهب تي يا فلسفي جي ڪلم ڪلا پرچارڪ نہ هوندي آهي ۽ فن ڪنهن نظرڙي جو ڍنڍورچي نٿو ٿئي:

"Like the other arts it has the power to enrich and to clarify thought and feeling.
Not one is offering literature as a substitute relegion or providing a philosophy for life."
(Genral Introduction-"The Age of Chaucer.")

---


## ناري پبليڪيشنس

جو پهريون ڪتاب، جلد شايع ٿي ويندو
سهڻي سائيز تي سؤ صفحا

ترتيب: نذير ناز
نظرداري: (پهرين ڪتاب لاءِ) طارق اشرف

پهرين ڪتاب ۾:
اياز قادري، غلام نبي مغل، طارق اشرف، ظفر حسن ۽ ٻين نون ۽ پراڻن ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون.
ڪيترن ئي پراڻن ۽ نون شاعرن جا شعر.
مشهور ڪهاڻيڪار نورالهديٰ شاه جو انٽرويو ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ

لکپڙهہ لاءِ: پوسٽ باڪس نمبر ١٥
حيدرآباد، سنڌ

## نيو فيلڊس پبليڪيشنس
جا ايندڙ ڪتاب

### ١- ٽڏا چپ
ڀارت جي مشهور سنڌي ڪهاڻيڪار ايشور چندر جي بهترين ڪهاڻين جو سنڌيءَ ۾ ڀهريون مجموعو. ايشور چندر اهو ڪهاڻيڪار آهي، جنهنجي هر نئين ڪهاڻي ڀارت ۾ دنيا جي ٻين زبانن ۾ يڪدم ترجمو ٿي ويندي آهي.

### ٢- ٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (ٻيو ڀاڱو)
نسيم کرل، آغا سليم، آمر جليل، غلام نبي مغل، عبدالقادر جوڻيجو، شوڪت شورو، طارق اشرف، حليم بروهي، ماڪ، نورالهديٰ، مشتاق شورو، مدد علي، ظفر حسن ۽ حميد سنڌيءَ، جون ڪهاڻيون

### ٣- سنڌ ڇا ٿي سوچي
ڇا هوندو هن ڪتاب ۾؟

### ٤- حليم شو
سنڌ جي مشهور طنزيه ۽ مزاحيه ليکڪ حليم بروهي جون ڪهاڻيون، مضمون، شعر، انٽرويو ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه.

٥- غلام نبي مغل جي ڪهاڻين جو چوٿون مجموعو، جنهن ۾ گهڻي ڀاڱي اڻ ڇپيل ڪهاڻيون هونديون.

گهرائڻ لاءِ لکو: سهڻي پبليڪيشنس
الهند وڪچو، حيدرآباد سنڌ.

# نيو فيلڊس پبليڪيشنس

جا ڪتاب وڪري ۽ مقبوليت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

**جيل ۾ ٢٢ مهينا** طارق اشرف جي جيل ڊائري

جنهن وڪري ۾ رڪارڊ قائم ڪيو. هاڻ وڪري لاءِ موجود ڪونهي.

**آتم ملاقات** طارق اشرف جا جيل مان لکيل ۽ اڻ لکيل خط

سنڌي ۾ هڪ منفرد ڪتاب وڪري لاءِ ڪجهه ڪاپيون

موجود آهن.

**جيل گهاريم جن سان** طارق جا جيل جي ساٿين تي خاڪا

وڪري لاءِ فقط اوڇيون ڪاپيون بچيل.

**جيل ۾ ٢٢ مهينا** جيل ڊائري جو ٻيو ڀاڱو

مواد جي لحاظ کان هڪ منفرد ڪتاب

وڪري لاءِ ڪجهه ڪاپيون بچيل.

**زندگيءَ جو تنها مسافر** طارق جون چونڊ ۽ اڻ چونڊ ڪهاڻيون

وڪري لاءِ ڪجهه ڪاپيون بچيل.

**بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون**

مشهور ڪهاڻيڪارن جون چونڊ ڪهاڻيون

وڪري لاءِ فقط اوڇيون ڪاپيون بچيل.

انهيءَ کان علاوه.

**رات منهنجي روح ۾**

غلام نبي مغل جي ڪهاڻين جو مجموعو.

**اونداهي ڌرتي، روشن هٿ**

آغا سليم جو ناوليٽ.

**٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون**

انهن جون به وڪري لاءِ هاڻي تمام ٿوريون ڪاپيون بچيون آهن.

گهرائڻ لاءِ : **سهڻي پبليڪيشنس**

الهندو ڪچو، حيدرآباد، سنڌ

## نيو فيلڊس پبليڪيشنس

جا ٻه شاندار ڪتاب

غلام نبي مغل جو شمار موجوده وقت جي
بهترين ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو

# رات منهنجي روح ۾

### غلام نبي مغل

جي ڪهاڻين جو نئون مجموعو آهي، جنهن ۾ سندس
بهترين ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪهاڻيون شامل آهن.

صفحا: ٢٥٠ قيمت: ٨-٠٠ اوڇي ڪاپي ١٢-٠٠

---

# ٣٠ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون

سنڌيءَ ۾ اهو پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ ورهاڱي کان ١٩٦٠ع تائين جي سڀني ناميارين ڪهاڻيڪارن جون چونڊ ڪهاڻيون شامل آهن. اهو پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ هڪ ئي وقت: جمال ابڙو، ع-ق شيخ، محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز، اياز قادري، نجم عباسي، بيگم زينت چنا، جميله نرگس، ثريا ياسمين، شيخ حفيظ، غلام علي الانا، محمد عثمان ڏيپلائي، رشيد آخوند، مهتاب محبوب، ثميره زرين، ممتاز مرزا، علي احمد بروهي، غلام رباني، ڪروڙ پتي، عبدالرزاق راز ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون هڪ ئي وقت پڙهڻ لاءِ ملن ٿيون.

صفحا: ٢٠٠
قيمت: ٨-٠٠
اوڇي ڪاپي ١٢-٠٠

گهرائڻ لاءِ:
**سهڻي پبلڪيشنس**
الهندو ڪڇو، حيدرآباد سنڌ